

# مووي ميڪر گائيڊ

خليق جمالي
Sindh_desh@yahoo.com

وائيس آف سنڌ برقي ڪتاب گهر
WWW.VOICEOFSINDH.NET
editor@voiceofsindh.net
Cell: 0332-3895458

# ـــ فھرست ـــ


- پنھنجي پاران
- مووي ميڪر شروعاتي مرحلو
- مووي ٽاسڪ
- ڪيپچر وڊيو
- ايڊٽ مووي
- فنيش مووي
- مووي ميڪنگ ٽپس
- مووي ٺاھڻ
- ملٽيپل سين
- مووي ھڪ سائونڊ ٽيو
- وڊيو افيڪٽ
- وڊيو ٽرانسليشن
- مووي ۾ ٽائيٽل ۽ ڪريڊٽ ايڊ ڪرڻ

# پنهنجي پاران:

اسان جو سماج زرعي سماج سڏائي ٿو، اسان جي سماج ۾ پڙهيل لکيل طبقو گهٽ ۽ هاري طبقو وڌيڪ نظر ايندو. ان جو شايد هڪ سبب اهو بہ آهي تہ اسان وٽ بيروزگاري وڏي وجڻ ڪارڻ ماڻهن جو تعليم ڏانهن لاڙو گهٽ رهيو آهي، انهي لاءِ سنڌ اندر هڪ چوٽي مشور آهي" اُٺم کيتي، نيچ نوڪري". اسان جو گهڻو سماج سائنس ۽ ٽيڪنالاجي کان محروم پڻ آهي، انهي لاءِ اسان جي سماج ۾ ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ ۽ ٻيون ٽيڪنالاجيز گهٽ استعمال ٿي رهيو آهن (اڄڪي کان سنڌي ماڻهو وڌيڪ سائنس ڏانهن لاڙو ڪري رهيا آهن). اسان جو هاري ويهي پراڻيون يوناني ڏندڪٿائون تہ ٻڌائي سگهي ٿو، پر هو اڄ جي ماڪسزم ۽ سيڪيولر ازم جي ڄاڻ نٿو رکي، اسان جو ماڻهو لطيف ۽ سچل تي تہ دسترس رکي ٿو پر گوئٽي ۽ شيڪسپيئر بابت ڪجھ نٿو ڄاڻي. انهي جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ اسان جو ماڻهو ٻاهر نڪتو ناهي. دنيا جا ماڻهو اهو ڄاڻ انٽرنيٽ وسيلي گهر ويٺي ئي حاصل ڪن ٿا. پر اسان جو سنڌي ماڻهو فجر جو ڍڳا ڇوڙي، شام جو واپس گهر ايندو آهي، رات جو اوطاق (ڪنهن زماني ۾ سنڌ جا اوطاق آڪسفورڊ يونيورسٽي جو درجو رکندا هئا. پر اهي اوطاق هٿ وٺي تباھ ڪيا ويا آهن) ۾ ويهي، پوءِ آرام ڪري صبح جو وري ساڳيو ڪم. بهرحال ڪهڙا بہ سبب هجن پر هڪ ڳالھ صاف آهي تہ اسان جو ماڻهو ٽين دنيا تہ ڇا پر ٻين دنيا جي ٽيڪنالاجيز کان بہ محروم آهي.

مون هن کان پهريان بہ بہ مختلف سافٽويئرز بابت سنڌي ۾ گائيڊ (سمجهاڻيون) ڏيون هيون جيڪي تمام ننڍيون آهن، ان ۾ ننڍيون ننڍيون شيون ڏيون ويو آهن. گورن جي سامهون انهن جي ڪابہ اهميت پلي نہ هجي پر سنڌ (سنڌي ٻولي) اندر انهن شين جو وڏي کوٽ آهي. انهي لاءِ هي ننڍيون ننڍيون شيون اوهان جي سامهون رکندي بہ وڏي خوشي ٿيندي آهي تہ اسان جي سنڌي ۾ ڪجھ مواد جو اضافو تہ ٿيو. هن مان سنڌي ماڻهن خاص ڪري نوجوان طبقي کي ڪجھ فائدو ضرور پهچندو، آئون سنڌي نوجوانن کي هڪ عرض ڪندس تہ اوهان بہ سنڌي لاءِ ڪم ڪريو، ٻيو نہ تہ ونڊوز پينٽ جي باري ۾ هڪ گائيڊ تہ موڪيلو، ۽ آئون افسوس سان ٿو چوان تہ ونڊوز پيٽ جهڙي ننڍي سافٽوير جي گائيڊ بہ اسان جي سنڌي ٻولي ۾ ناهي. ڪيڏي افسوس جوڳي ڳالھ ڇئبي تہ سنڌي ٻولي ۾ ننڍيون ننڍيون شيون بہ ناهن تہ اسان وڏي شيءِ جي دعوا ڪيئن ڪريون.

مون کي اميد آهي تہ اوهان مووي ميڪر کي وڏيڪ ٽائيم ڏيندا، اوهان جيترو وقت ڏيندا اوترو اوهان جو ڪم خوبصورت طريقي سان ٿيندو، مون ڪمپيوٽر سکڻ لاءِ ڪو سينٽر جوائين نہ ڪيو، آئون سڄي رات جاڳي ڪمپيوٽر جا مختلف سافٽويئر سکندو هئس، دراصل ڳالھہ آهي دلچسپي جي، اوهان جڪڏهن مووي ميڪر يا ڪمپيوٽر ۾ دلچسپي وٺو ٿا تہ پوءِ اوهان ڏاڍو سٺو ڪم ڪري سگھندا. جي اوهان جي دلچسپي ناهي تہ پوءِ اوهان جو سکڻ مشڪل آهي.

**خليق جمالي**

8.1.2008

گائيڊ پهريون

# مووي ميڪر شروعاتي مرحلو

مووي ميڪر ڇا آهي؟

هن جي نالي مان ئي ظاهر آهي تہ هي مووي کي ايڊٽ ڪرڻ جو سافٽويئر آهي، هن جي ذريعي اوهان ڪنهن مووي کي پنهنجي من پسند طريقي سان ناهي سگهو ٿا. جڏهن اوهان جي رڪارڊ ٿيل مووي ۾ اوهان سين مٽائڻ ٿا چاهيو، يا وري اوهان مووي هڪڙي ۾ سائونڊ ٻيو ڏيڻ ٿا چاهيو وغيره، تہ ان لاءِ مووي ميڪر بهترين سافٽوير آهي. مائڪرو سافٽ جي ٻين سافٽويئرز وانگر هي بہ هڪ نهايت آسان سافٽويئر آهي. اوهان کي مووي ميڪر ۾ ڪم ڪندي ڏاڍو زبردست لڳندو، ڇو تہ هي هڪ انٽرسٽنگ سافٽوير آهي.

مووي ميڪر انسٽاليشن:

ڪنهن بہ سافٽويئر کي چڱي طرح سمجهڻ لاءِ اهو ضروري ڪم آهي تہ اهو سافٽويئر اوهان جي ڪمپيوٽر ۾ انسٽال ٿيل هجي. جيڪڏهن اوهان ڪنهن سافٽويئر جي گائيڊ لائين تہ پڙهي ٿا وٺ پر اهو سافٽويئر اوهان وٽ انسٽال ٿيل ناهي تہ پوءِ ان گائيڊ لائين پڙهڻ مان ڪوبہ خاطر خواهہ فائدو نہ ٿيندو. مووي ميڪر اوهان وٽ ونڊوز ايڪس پي سان گڏ انسٽال ٿي ويندو آهي، انهي لاءِ اوهان انسٽاليشن جي جهنجهٽ مان بہ آزاد آهيو.


مووي ميڪر کي اوپن ڪرڻ:

اوهان ونڊوز مووي ميڪر کي ان ڊرائيو مان اوپن ڪري سگهو ٿا جنهن ۾ اوهان جي ڪمپيوٽر جو ونڊو انسٽال ٿيل آهي مثال اوهان جو ونڊوز C ڊرائيو ۾


انسٽال ٿيل آهي تہ پوءِ اوهان هن رستي تي هلي مووي ميڪر اوپن ڪريو. C:\Program Files\Movie Maker ان ڪان پوءِ اوهان اتي موجود 

تي ڊبل ڪلڪ ڪريو.

يا وري اسٽارٽ مينيو مان مووي ميڪر کي اوپن ڪريو.




جڏهن اوهان مووي ميڪر اوپن ڪري ڇڏيندا تہ اوهان کي موي ميڪر جي هينيان مرڪزي وندوز نظر ايندا.





مووي ميڪر جي مرڪزي تصوير

گائيڊ پيو

## مووي ٽاسڪ

مووي ٽاسڪ:




مووي ٽاسڪ ۾ اوهان کي چار آپشنز نظر اچي رهيا آهن. انهن جي مختصر سمجهاڻي.

ڪيپچر وڊيو:

هن جي ذريعي ڪا به مووي، مووي ميڪر ۾ امپورٽ ڪري سگهبي.

مووي ايڊٽ:

هن ذريعي مووي کي مرضي مطابق خوبصورت بنائي سگهبو.

فنيش مووي:


هن جي ذريعي مووي کي سيو ڪري سگهبو.

مووي ميڪنگ ٽپز:

هن جي ذريعي اوهان مووي ٺاهڻ بابت مدد وٺي سگهو ٿا.

## گائيڊ ٽيون

# ڪيپچر وڊيو




مووي ٽاسڪ ٽولز

ڪيپچر فرام وڊيو ڊوائيس (Capture from video device):

ڪيپچر (اغواه) اوهان ڪنهن وڊيو ڪارڊ جي ذريعي ڪا بہ ڪلپ يا سين مووي ميڪر ۾ آڻي سگهو ٿا. جيڪڏهن اوهان جي ڪمپيوٽر ۾ وڊيو ڪارڊ ناهي تہ ڪا بہ پريشاني جي ڳالهہ ناهي، اوهان پنهنجي ڪمپيوٽر مان بہ مووي کي امپورٽ ڪري سگهو ٿا.

امپورٽ ويڊيو (Import video):

هن جي ذريعي اوهان پنهنجي ڪمپيوٽر جي هارڊ ڊرائيو مان ڪا وڊيو ڪلپ امپورٽ ڪري سگهو ٿا. اها وڊيو ڪلپ avi,*.mpg,*.m1v,*.mp2,*.mp2v, وغيره فارميٽس ۾ هجڻ ضروري آهي. جيڪڏهن اوهان وٽ انهن فارميٽ مان ڪوبہ وڊيو موجود ناهي تہ پوءِ اوهان کي مختلف قسم جا ڪنويٽر سافٽويئر ملي ويندا يا هڪ مقبول سافٽوير وي سي ڊي ڪٽر بہ مارڪيٽ مان ملي ويندو اوهان ان جي ذريعي بہ مووي کي مختلف فارميٽس ۾ ڪنورٽ ڪري سگهو ٿا.

امپورٽ پيڪچرس (Import pictures):

اوهان هن جي ذريعي پنهنجي ڪمپيوٽر مان ڪو بہ پيڪچر امپورٽ ڪري مووي ۾ ايڊ ڪري سگهو ٿا. اها تصوير .jpg,*.jpeg,*.jpe,*.jfif,*.gif,*.png, وغيره فارميٽس ۾ هئڻ ضروري آهي. اهي تصوير اوهان ڪنهن مووي ۾ ڏئي سگهو ٿا. هڪ مثال ونو اوهان جي ايم سيد يا ذولفقار علي ڀٽو جي زندگي تہ ڪا ڊاڪيومنٽري ناهي رهيا آهيو، اوهان ان ۾ انهن جو تاريخي تصويرون ڏئي، ڊاڪيومنٽري کي وڌيڪ شاندار بنائي سگهو ٿا.

امپورٽ آڊيو آر ميوزڪ (Import audio or music):


هن جي ذريعي اوهان پنهنجي ڪمپيوٽر مان آڊيو يا ميوزڪ امپورٽ ڪري سگهو ٿا. ميوزڪ يا آڊيو .wav,*.aif,*.aiff,*.aifc, وغيره فارميٽ ۾ هجڻ لازمي آهي. انهي امپورٽ ڪيل سائونڊ مان اوهان ڪا شاندار مووي تخليق ڪري سگهو ٿا.

اوهان يقينن انگلش فلمز ڏٺيون هونديون، اوهان هڪ مثال ونو ٽيٽانڪ فلم جو، ان جو اوهان اردو ۾ ترجمو ٿيل فلم ڏسندا تہ اوهان کي ان ۾ آواز ڊبل ۾ نظر ايندو، اوهان بہ ائين ڪري سگهو ٿا. اوهان مائيڪ ذريعي آواز رڪارڊ ڪري انهن سينز ۾ هڻي سگهو ٿا.

اوهان سنڌي چينل ڪي ٽي اين ۾ اوهان انديا جو ڊرامو ڏٺو هوندو جنهن جو نالو سنڌي ۾ "ڪجھ رهجي ويل پل" هو، دراصل اهو اڙدو ۾ هو پر ان ۾ اردو کي ڪٽي ان جڳھ تہ سنڌي ٻولي کي ايڊ ڪيو ويو. مووي ميڪر ۾ اوهان ائين ڪري سگهو ٿا.

# گائيڊ چوٿون

## ايڊٽ مووي




مووي ٽاسڪ ٽولز

شو ڪليڪشن (Show collection):

هن جي ذريعي اوهان پنهنجي ڪمپيوٽر مان امپورٽ ڪيل مووي، آڊيوءِ پيڪچرز جا ڪليڪشن ڏسي سگهو ٿا. اتان انهن کي پنهنجي مووي ۾ ايڊ ڪري سگهو ٿا. اوهان هڪ مووي ۾ ملٽيپل سين هٽي سگهو ٿا.

وِيو وڊيو افيڪٽ (View video effects):


هن جي ذريعي اوهان پنهنجي مووي تہ مختلف قسم جا افيڪٽ ڏئي سگھو ٿا، مثال اوهان جي مووي کي اوهان بيلڪ اينڊ وائيٽ ۾ تبديل ڪرڻ چاهيو ٿا، اوهان پنهنجي مووي کي اولڊ ڪلر (1995ع وارا ڪلر) ڏيڻ چاهيو ٿا، يا وري ٻيو ڪجهہ، انهن لاءِ هي هڪ زبردست ٽول آهي. اوهان هڪ سنڌي گيت ”نيڻن جا ڪڪر...“ جيڪو احمد مغل جي آواز ۾ سنڌ ٽي وي تان هلي رهيو آهي، اوهان هڪ ڳالهہ نوٽ ڪندا تہ جڏهن بہ مادل خواب ڏسندو آهي تہ مووي جو ڪلر ڊارڪ ٿي ويندو آهي، اوهان بہ مووي ميڪر ۾ اهڙو ڪجهہ ڪري سگهو ٿا.

ميڪ ٽائيٽل آر ڪريڊٽس (Make titles or credits):

هن جي ذريعي اوهان پنهنجي مووي ۾ ڪريڊٽس (جڏهن فلم يا ڊرامو ختم ٿيندو آهي ته ان جا آخر ۾ جيڪي اداڪارن، پروڊيوسرز يا ٻين جا جيڪي نالا هلندا آهن اهي ڪريڊٽ سڏايئن ٿا) . اوهان هڪ فلم جو مثال وٺو، اوهان جڏهن انڊين فلمون ڏسندا ته اهو فلم عربي يا انگريزي ۾ ترجمو ٿيل هوندو آهي، اداڪار يا اداڪاره ڪو به لفظ ڳالهيندا آهن ته ان ترجمو انگلش يا عربي ۾ اسڪرين تي لکيجو اچي اوهان به مووي ميڪر ۾ اهڙا ڪم آساني سان ڪري سگهو ٿا.

ميڪ اين آٽو مووي (Make an automovie):


هن جي ذريعي اوهان ڪن مووي کي سليڪٽ ڪريو، آٽو مووي مان آپشن ڪٽو، ته مووي ميڪر پاڻهي مووي ادٽ ڪندو. جڏهن ڪنهن مووي کي امپورٽ ڪري مووي ميڪر ۾ آندو آهي اوهان هاڻي چاهيو ٿا ته مووي ميڪر م اها مووي آٽومووي آپشن ذريعي مڪمل ٿي وڃ ته ان لاءِ  اوهان ميڪ اين آٽو مووي ته ڪلڪ ڪريو.





اتان اوهان وٽ پنج آپشن اچي ويندا انهن جي مدد سان اوهان آٽو مووي ناهي سگهو ٿا.

ان ڪان پوءِ نيرن اڪرن سان به اوهان کي آپش ڏنل آهن.

1. Done, edit movie هن جي ذريعي اوهان جي سليڪٽ ڪيل آٽو مووي نهڻ شروع ٿي ويندي. ۽ پوءِ ٿورو انتظار ڪريو مووي جي مڪمل ٿيڻ جو.







2. Enter a title for the movie هن جي ذريعي اوهان مووي جي ٽائيٽل ڏئي سگهو ٿا جيڪو مووي جي شروعات ۾ نظر ايندو.
3. Select audio or background music هن جي ذريعي اوهان مووي ۾ بيڪگرئونڊ سائونڊ ڏئي سگهو ٿا.

## گائيڊ پنجون

# فنيش مووي




مووي ٽاسڪ ٽولز

سيو ٽو ماءِ ڪمپيوٽر (Save to my computer):

هن جي ذريعي اوهان مووي کي ڪمپيوٽر ۾ سيو ڪري سگهو ٿا. جڏهن اوهان مووي کي سيو ڪندا تہ انڪان پهريان اوهان کان اها لوڪيشن پڇندو جتي اوهان مووي کي سيو ڪرڻ چاهيو ٿا ان کان پوءِ ڪوالٽي آپش ايندا. ڏسو هيٺ،





اوهان کي هڪ ريديو بٽڻ Best quality for playback on my computer (recommended) جي نالي سان نظر ايندو اوهان جڏهن کي اوڪي ڪندا تہ اوهان جي مووي تمام شاندار ڪوالٽي ۾ سيو ٿي ويندي، پر جي اوهان چاهيو ٿا تہ مووي ٿوري ڪيپيسٽي(جڳهہ) ولاري تہ پوءِ اوهان ...Show more choices تي ڪلڪ ڪريو.

سيو ٽو سي ڊي (Save to CD)

هن جي ذريعي اوهان پنهنجي مووي کي سي ڊي ۾ سيو ڪري سگهو ٿا، پر هڪ شرط سان تہ اوهان سي ڊي رائيٽر يوز ڪندا هجو. ٻئي صورت ۾ اوهان ائين نٿا ڪري سگهو.

سينڊ اين ميل (Send in E-mail):

هن جي ذريعي اوهان مووي کي اي ميل ڪري موڪلي سگهو ٿا. جڏهن اوهان سيڊ اين اي ميل کي پريس ڪندا ته اوهان جي مووي سيو ٿيڻ لڳندي.




ان کان پوءِ اوهان وٽ ٻه آپشن ٻيا ايندا ته




هاڻي جڏهن اوهان پهريون آپشن ڪٽندا ته اوهان جي مووي پلي ٿي ويندي. ۽ جڏهن ٻيو آپشن ڪٽدا ته مووي جي هڪ ڪاپي اوهان جي ڪمپيوٽر ۾ به سيو ٿي ويندي، جڏهن اوهان ٻنهي آپشن ته غور ڪيو آهي ته پوءِ نيڪسٽ کي پريس ڪريو.

سينڊ ٽو دي ويب (Send to the web):


هن جي ذريعي اوهان مووي کي انٽرنيٽ ڏانهن اماڻي سگهو ٿا.

سينڊ ٽو ڊي وي ڪيمرا (Send to DV camera):

هن جي ذريعي اوهان مووي کي ڪيمرا (ڊجيٽل) ڏانهن اماڻي سگهو ٿا.

## گائيڊ چهون

# مووي ميڪنگ ٽپس




مووي ٽاسڪ


هن ذريعي اوهان مووي متعلق مدد وٺي سگهو ٿا، پر اڪثر گائيڊ مون به اوهان کي ڏئي ڇڏي آهي، پر اوهان هن جي مدد وٺي سگهو ٿا، ڇو جو هي مائيڪرو سافٽ وارن جي هيلپ فائيل آهي، هن جو مقابلو دنيا جو به هيلپ فائيل نٿو ڪري سگهي.

هاڻي اسان جو مووي ٽاسڪ وارو ڪم مڪمل ٿيو اچو ته ٻين ڪمن کي ونون.

### گائيڊ ستون

## مووي ٺاهڻ


اوهان سڀ کان پهريان هڪ مووي کي امپورٽ (گهرائي) وٺو. ان اوهان جي ڪمپليٽ مووي، مووي ميڪر ۾ اچي وڃي تہ اوهان ctrl+a کي پريس ڪريو تہ اوهان جي سڄي مووي سليڪٽ ٿي ويندي، هاڻي اوهان ان مووي جي ڪنهن بہ هڪ ڪلپ تہ رائيٽ ڪلڪ ڪريو.





Add to storyboard کي ڪلڪ ڪريو، اوهان جي مووي اسٽوري بورڊ ۾ اچي ويندي. اسٽوري بورڊ اوهان کي مووي ميڪر جي بلڪل هيٺان نظر ايندو.





هاڻي اوهان اسٽوري بورڊ ۾ ڪنهن بہ هڪ ڪلپ تي ڪلڪ ڪريو. ۽ مووي کي پلي ڪريو.





اوهان جي مووي پلي ٿي ويندي. (مووي کي پلي ڪرڻ ضروري ناهي) ان کان پوءِ اوهان Show timeline تي ڪلڪ ڪريو.




هاڻ اوهان جي مووي هن طرح سان نظر ايندي.




اوهان کي وڊيو ۽ آڊيو نظر اچي رهيا آهن، اوهان هاڻي پنهنجي پسند تي مووي ڪلپ ڪٽي يا ايڊ ڪري سگهو ٿا. مثال اوهان کي سين ٻه پسند ناهي تہ ان کي ڊليٽ ڪري سگهو ٿا. اوهان سين ٻہ تي رائيٽ ڪلڪ ڪريو.





هاڻي اوهان ڏسندا ته سين ۾ غائب ٿيل هوندو.




اوهان جيڪڏهن هڪ سين جو اڌ ڪٽڻ ٿا چاهيو ته پوءِ اوهان ان سين جي ان حصي تي مووي پوئينٽر بيهاريو. مثال ڪلپ تي ڪي سليڪٽ ڪري ان جي اڌ تي (يا ڪنهن ٻه حصي تي) مووي پوئينٽر رکيو.




هاڻي اوهان مينيو مان ڪلپ ۾ پوءِ اسپلٽ ڪي ڪلڪ ڪندا ته اوهان جي مووي جو سين ٻن حصن ۾ اچي ويندو.







هاڻي اوهان اڌ حصي کي ڪٽي سگهو ٿا.


## گائيڊ انون

# ملٽيپل سين

اوهان هڪ مووي ۾ ملٽيپل سين هٽي سگهو ٿا. اسان اڳ هڪ مووي امپورٽ ڪري چڪا آهيو هاٽي اچو ته ٻئي مووي امپورٽ ڪريون.
هاٽي اوهان ٻئي مووي مان ڪو به سين ڊرگ ڪندا ٽائيم ليٽ جي ان جڳهه تي رکو جتي اوهان کي ان ضرورت هجي. مثال اوهان سين هڪ ۽ ٻه جي وچ ۾ ڪنهن ٻئي مووي جو سين رکو.




هاٽي اوهان ڏسندا ته هڪ ۽ ٻه مووي جي وچ ۾ نئون سين اچي ويندو.




هاٽي اوهان مووي کي پلي ڪندا ته سين هڪ کان پوءِ اوهان جو ايڊ ڪيل سين هلندو.
اوهان جيڪڏهن چاهيو ٿا ته سين نمبر تي پهريان هلي ته پوءِ اوهان سين نمبر تي کي ڊرگ ڪندا اچي شروع ۾ رکو.





هاڻي اوهان مووي کي پلي ڪندا تہ اوهان جي مووي بڻي سين سان اسٽارٽ ٿيندي. اوهان اهيو طريقو يوز ڪري مووي کي مختلف رنگ ڏئي سگهو ٿا. اوهان هڪ تصوير بہ امپورٽ ڪري سگهو ٿا ۽ ان کي اوهان بہ مووي ۾ هٽي سگهو ٿا، تصوير بہ انهي طريقي سان هٽي سگهو ٿا جئين ڪو سين ٿا هٽو.


گائيڊ نائون

## مووي هڪ سائونڊ ٻيو


اوهان اڪثر ڊاڪيومنٽري يا ٽرانسليشن ٽيل فلمون ڏٺيون هونديون. اوهان ڏسندا ته مووي هڪ هوندي ۽ آواز ٻيو هوندو. اوهان جڏهن ڪا مووي، مووي ميڪر ۾ امپورٽ ڪيو ٿا ته اوهان کي آڊيو الڳ ۽ وڊيو الڳ نظر ايندو آهي.




سڀ ڪان پهريان اوهان آڊيو ته رائيٽ ڪلڪ ڪري ان کي ميوٽ (بند) ڪريو.





هاڻي سيني سينز جو آواز بند ڪريو.





هاڻي اوهان ڪو ايم پي ٿري (آڊيو) فائيل امپورٽ ڪري وٺو.




هاڻي امپورٽ ڪيل آڊيو فائيل کي رائيٽ ڪلڪ ڪري ايڊ ٽو ٽائيم ليٽ کي پريس ڪريو.





هاڻي اوهان امپورٽ ڪيل سائونڊ مووي ۾ اچي ويندو. ڏسو هيٺيان تصوير.




هاڻي اوهان مووي کي پلي ڪندا ته مووي هڪ ۾ آواز پيو هوندو.
پر جي اوهان چاهيو ٿا ته ٻئي سائونڊ گڏ هلن ته پوءِ پهريان مووي واري سائوڊ کي ميوٽ واري موڊ مان ٻاهر ڪيو. اوهان ان جو واليم پنهنجي مرضي مطابق ناهي سگهو ٿا.




اوهان ٻه سين گڏ هلائي سگهو ٿا اڪثر توهان ڏٺو هوندو تہ ٻہ مووي گڏ هندا آهن، مثال اوهان کو ٻہ ڊاڪيومنٽري ڏسو ٿا تہ ان ۾ کو ٻہ تصوير ٻہ هلي ٿو ۽ ان جي بيڪگرائونڊ ۾ وري ٻئي مووي سين هلي ٿي. اوهان هڪ سين کي ڊرگ ڪريو.





اوهان وڊيو مٿان ڏسندا تہ هڪ نيري رنگ جي پٽي اوهان کي نظر ايندي در اصل هي اوهان ڏيکاري رهيو آهي تہ مووي سين ڪٿان ۽ ڪيتري وقت تائين گڏ هلن، جڏهن اوهان پنهنجي مرضي سان انهن کي سيٽ ڪري وٺندا ۽ مووي کي پلي ڪندا تہ اوهان جي مووي اوهان کي ڪجهہ چينڄ لڳندي. انهي لاءِ ڏسو هينيان تصوير.



## گائيڊ ڏهون

# وڊيو افيڪٽ

اوهان مووي ۾ مختلف وڊيو افيڪٽ هٽي سگهو ٿا، اوهان مووي ٽاسڪ پوءِ ايڊٽ مووي ۾ پوءِ ويو وڊيو افيڪٽ تي ڪلڪ ڪريوهاڻي اوهان وٽ مختلف قسم جا وڊيو افيڪٽ ايندا، اوهان انهن کي ڪاپي ڪري وڃي پنهنجي مووي ۾ پيسٽ ڪريو، يا وري ڊرگ ڪندا وڃي مووي ۾ ايڊ ڪريو، مثال اوهان مووي کي بليڪ اينڊ وائيٽ ۾ تبديل ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ Film Age, Oldest کي ڪاپي ڪري مطلوبہ سينز ۾ هٽندا وڃون



Film Age, Old　Film Age, Older　Film Age, Oldest

جڏهن اوهان مٿي ڀڌايل طريقو ڪري وٺندا تہ پوءِ اوهان جي مووي هيٺين نموني نظر ايندي.




هاڻي اوهان پنهنجي پسند تي وڊيو افيڪٽ ايڊ يا ڊليٽ ڪري سگهو ٿا.

## گائيڊ يارهون

# وڊيو ٽرانسليشن

اوهان ڏسندا هوندا تہ مووي ۾ سين مختلف قسمن ۾ تبديل ٿيندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن سين جي آخري تصوير ٽٽي پوندي آهي ۽ نئين تصوير اچي ويندي، اوهان بہ پنهنجي مووي ۾ مختلف قسم جا ٽرانسليشن ڏئي سگهو ٿا.




هاڻي اوهان Roll کي ڪاپي ڪري پنهنجي مووي جي ڪنهن بہ سين تي پيسٽ ڪريو، پوءِ اوهان جي مووي هينئين اسٽائيل سان نظر ايندي.




ائين مختلف قسم جا ٽرانسليشن ڏئي سگهو ٿا، ۽ پنهنجي مووي کي خوبصورت کان خوبصورت بنائي سگهو ٿا.

گائيڊ ٻارهون

# مووي ۾ ٽائيٽل ۽ ڪريڊٽ ايڊ ڪرڻ

اوهان مووي ۾ شاندار افيڪٽ ۽ ڪريڊٽ ايڊ ڪري سگهو ٿا انهي لاءِ اوهان مووي ٽاسڪ مان ايڊٽ مووي ۾ پوءِ ميڪ ٽائيٽل آر ڪريڊٽ ڪي ڪلڪ ڪريو. اوهان وٽ پنج آپشن ايندا.

Add title at the beginning of the movie.


Add title before the selected clip in the timeline.

Add title on the selected clip in the timeline.

Add title after the selected clip in the timeline.

Add credits at the end of the movie.

هاڻي اوهان مووي جي جنهن به حصي تي ٽائيٽل يا ڪريڊٽ ڏيڻ ٿا چاهيو پنجن آپشنز مان ڪوبه هڪ پنهنجي مرضي سان ڪٽو، مثال اوهان مووي جي شروع ۾ ڪو ٽائيٽل ڏيڻ ٿا چاهيو ته پوءِ سڀ کان مٿين آپشن تي ڪلڪ ڪريو.





هاڻي اوهان وٽ ٻه ٽيڪسٽ ايريا اچي ويا آهن هاڻي اوهان ان ۾ مووي جي ٽائيل ٽائيٽل لکو، جڏهن اوهان چاهيو ٿا ته فنٽ (اکرن) جا رنگ تبديل ڪيئن ان لاءِ سڀ کان

هينئين آپشن Change the text font and color تي ڪلڪ ڪريو، جڏهن اوهان ٽائيٽل جو انيميشن (اسٽائل) تبديل ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ Change the title animation تي ڪلڪ ڪريو. ۽ پوءِ ان کي ڊن (او ڪي) کي پريس ڪندا تہ مووي جي شروعات ۾ ٽائيٽل لڳي ويندو. ۽ اوهان جي مووي جي شروعات ۾ هينئين نموني سان ٽائيٽل ايندو.




اوهان هاڻي پنهنجي مرضي سان ٽائيٽل يا ڪريڊٽ ڏئي سگهو ٿا.
مووي ٽائيٽل اوهان کي ٽائيم لائين ۾ سڀ کان پهريان نظر ايندو.




مووي ٽائيٽل سڀ کان پهريان اوهان کي نظر اچي رهيو آهي جنهن ۾ باڪس پڻ ڏنل آهي، جڪڏهن اوهان کي پسند ناهي تہ ان کي ڊليٽ ڪري سگهو ٿا.

پورو ٿيو

پورو ٿيو.

# وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net